
هفتيوار رسالو :334
WEEKLY BOOKLET:334

سلسله قادريه رضويه عطاريه جي يارهين پير و مرشد جا فرمان بنام

# جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ارشاد

صفحا 17






هٿ ۾ تسبيح رکڻ جو سبب 03
علم جي نور ۽ برڪتن جو رخصت ٿيڻ 04
تصوف ڇا آهي؟ 09
تڪبر جو سڀني کان وڏو ۽ ننڍو درجو 11



پيشڪش
المدينة العلمية (دعوت اسلامي)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو **جنيد بغدادي** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **جا ارشاد**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

سلسلي قادريہ رضويہ عطاريہ جي يارھين پير و مرشد جا فرمانَ بنام

# جُنيد بغدادي رَحمۃُاللہ عَليہ جا ارشاد

المدينة العلميہ (اسلامک ريسرچ سينٽر)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# جنيد بغدادي رحمة الله عليه جا ارشاد [1]

**دعاءِ امير اهل سُنت:** يارب المصطفيٰ! جيڪو ڀي هي مڪمل رسالو ”جُنيد بغدادي رحمة الله عليه جا ارشاد“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي اولياءِ ڪرام جي برڪتن مان حصو عطا فرماءِ ۽ ان جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صلَّى اللّٰه عليهِ واٰلهٖ وسلَّم

## هٿ جي سوڄ ختم ٿي وئي

حضرت سيّدُنا عبدالرّحمٰن بن احمد رحمة الله عليه فرمائن ٿا: مان حمام(غسل خاني) ۾ ويس ته ڪِري پيس، سُور جي ڪري هٿ سُڄي ويو، (درود شريف پڙهندي پڙهندي) رات جو انهيءَ تڪليف ۾ سمهي رهيس، خواب ۾ الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم جي زيارت ٿي، مون التجاء ڪندي عرض ڪيو: يارسول الله صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم! ته حضور صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم مون کي فرمايو: اي منهنجا پٽ! (تڪليف واري حالت ۾) تنهنجي درود (پڙهڻ) مون کي بي چين ڪري ڇڏيو. ڄڏهن صبح ٿي ته پياري آقا صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم جي برڪت سان دَرد ۽ سوڄ جو نالو نشان ئي نه رهيو.

(القول البديع،ص328ملتقطاً)

مُشکل جو سَر پہ آپڑی تیرے ہی نام سے ٹلی
مُشکل کُشا ہے تیرا نام تجھ پر دُرود اور سلام

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1 هي رسالو امير اهل سنت دامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ڪيل سوالن ۽ ان جي جوابن تي مشتمل آهي.

## مختصر تعارف

سلسلهٴ عاليه قادريه رضويه عطّاريه جا عظيم بُزرگ، دُنياءِ تَصَوُّف جا روشن ڏيئا، اَبُوالقاسم جُنيد بِن مُحمد بغدادي رحمۃُ اللہِ علیہ ٽئين صدي هجري جا تمام وڏا وليِ ڪامل ۽ پنهنجي وقت جا امام هئا. سندن مبارڪ ارشاد علم تصوف جا انمول هيرا آهن. حضرت جُنيد بَغدادي رحمۃُ اللہِ علیہ جو وصال شريف 27 رجبُ المُرجب 297 ھ يا 298ھ تي ٿيو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سندن عرس مبارڪ جي موقعي تي سندن سيرت تي مشتمل رسالو منظر عام تي ايندو.

صوفياءِ ڪرام جي سردار، شريعت ۽ طريقت جي امام حضرت جُنيد بَغدادي رحمۃُ اللہِ علیہ جي مزار شريف عُروسُ البلاد(يعني شهرن جي رونق) بغداد شريف ۾ آهي. پاڻ پيرانِ پير، حضرت غوث اعظم شيخ عبدالقادر رحمۃُ اللہِ علیہ جي مشائخن مان آهن. الله ڪريم اسان کي سندن فيضان سان مالامال فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (1) بارگاهِ الٰهي مان تائيد

تمام وڏي ولي ڪامل، حضرت امام عبدالڪريم بن هَوَازن قشيري رحمۃُ اللہِ علیہ فرمايو ته حضرت جُنيد بَغدادي رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: مون خواب ڏٺو ته ڄڻ مان الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر آهيان. الله پاڪ مون کي فرمايو: اي بو القاسم! جيڪي ڳالهيون توهان ماڻهن کي بيان ڪيو ٿا ڪٿان کان حاصل ڪيو ٿا؟ مون عرض ڪيو: مان صرف حق ڳالهه ئي چوندو آهيان.“ الله پاڪ ارشاد فرمايو: ”تو سچ چيو.“ (الرسالة القشيرية، ص423)

## (2) اللّٰه پاڪ جي تعريف

حضرت جُنيد بَغدادي رحمۃُ اللہِ علیہ کي هيئن دعا ڪندي ٻڌو ويو: اللّٰه پاڪ جي لاءِ تمام تعريفون آهن، اي منهنجا معبود! تنهنجي لاءِ ايتري تعريفون آهن جيتريون تنهنجي علم ۾ آهن. (يعني اي اللّٰه پاڪ! اسان تنهنجي تعريف بيان ڪري ئي نٿا سگهون، جيئن تنهنجي علم جي ڪا حد ناهي ايئن ئي تنهنجون تعريفون بہ بيحد ۽ بيشمار آهن.) (حلية الاولياء،300/10)

## (3) اللّٰه پاڪ جي ويجهوتيڻ جو ذريعو

حضرت جُنيد بَغدادي رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا تہ مون خواب ڏٺو تہ مان ماڻهن جي سامهون بيان ڪري رهيو آهيان، ايتري ۾ هڪ ملائڪ منهنجي سامهون اچي بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو: ”اللّٰه پاڪ جو قرب (يعني نزديڪي) حاصل ڪرڻ جو وڏو ذريعو ڪهڙو آهي؟ مون چيو: ”اهو عمل جيڪو لڪي ڪري ڪيو ويو هجي ۽ ميزان ۾ پورو هجي.“ ملائڪ اهو چوندي هليو ويو تہ ”اللّٰه پاڪ جو قسم! هي اِلهامي ڪلام آهي. (الرسالة القشيرية، ص421)

(**مدني گُل**: اللّٰه پاڪ هر انسان جي دل تي هڪ ملائڪ مقرر فرمايو آهي جيڪو ان کي نيڪي جي دعوت ڏيندو آهي، اُن ملائڪ کي ملهم ۽ ان جي دعوت کي اِلهام چيو ويندو آهي.) (منهاج العابدين، ص 47)

## (4) مُحبت الٰهي جي انتها

حضرت جُنيد بَغدادي رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: اللّٰه پاڪ جا نبي، حضرت يونس علیہِ السّلام ايترا رُنا جو بينائي گهٽ ٿي وئي ۽ ايتري قدر قيام فرمايو (يعني بيهي ڪري اللّٰه پاڪ جي عبادت ڪئي) جو چيلهہ

چبي تي وئي ۽ ايتري قدر نماز پڙهي جو هلڻ ڦرڻ جي طاقت نہ رهي. پاڻ علیهِ السّلام بارگاهِ اِلٰهي ۾ عرض ڪيائين: تنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! جيڪڏهن منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ باهہ جو سمنڊ هجي ها تہ مان تنهنجي محبّت ۽ شوق جي ڪري اُن ۾ بہ داخل ٿي وڃان ها. (احياء العلوم،85/5)

محبّت میں اپنی گُما یاالٰہی
نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی
رہوں مَست و بے خود میں تیری وِلا میں
پِلا جام ایسا پِلا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش،ص 105)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (5) هٿ ۾ تسبيح رکڻ جو سبب

حضرت جُنيد بَغدادي رحمۃ اللہ علیه جي هٿ ۾ تسبيح ڏسي ڪري ڪنهن عرض ڪيو تہ ايترا وڏا بزرگ ٿيڻ کان پوءِ بہ اوهان پنهنجي هٿ ۾ تسبيح رکو ٿا؟ ارشاد فرمايائون: جنهن رستي (يعني تسبيح جي ذريعي مان الله پاڪ تائين پهتو آهيان مان ان کي نٿو ڇڏي سگهان. (المستطرف، 252/1)

## (6) سنتن تي عمل جي ترغيب

الله پاڪ تائين پهچائڻ واريون تمام راهون هر شخص تي بند آهن سواءِ اُن شخص جي جيڪو الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صلّی اللہ علیه واٰلہٖ وسلّم جي سُنتن تي عمل ڪري.

(الرسالة القشيرية ، ص50)

## (7) تمام راهون بند هجڻ جو ڇا مطلب آهي؟

حضرت جُنيد بَغدادي رحمۃ اللہ علیه جي فرمان تہ "**تمام راهون بند آهن**" مان مراد اهو آهي تہ اهڙي راهن تي هلي ڪري الله پاڪ تائين

پهچڻ ممڪن ناهي چوته هي راهون الله پاڪ تائين نٿيون پهچائي سگهن. الله پاڪ تائين پهچائڻ وارين راهن تي انهيءَ طرح هلو جيئن پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم عمل فرمايو. (حديقه نديه،169/1)

## (8) علم هوندي نقصان نه ٿيندو

حضرت عبدالواحد بن عُلوان رحمۃ اللہ علیہ کي نصيحت ڪندي فرمايو: اي نوجوان! علم کي لازم پڪڙيو. (حلية الاولياء،276/10)

## (9) علم جي نور ۽ برڪتن جو رخصت ٿيڻ

علمِ دين جا توهان تي جيڪي حق آهن جيڪڏهن توهان انهن کي پورو ڪرڻ بغير علم جي ذريعي عزت حاصل ڪرڻ يا پاڻ کي علم جي طرف منسوب ڪرڻ يا علم وارا(يعني عالم وغيره) سڏرائڻ چاهيندؤ ته "**علم جو نور**" توهان کان غائب ٿي ويندو ۽ توهان تي صرف علم جو نشان باقي رهندو، هي علم توهان جي حق ۾ نه بلڪ توهان جي خلاف ٿي پوندو ۽ ايئن انهيءَ ڪري آهي جو بيشڪ علم پنهنجي استعمال(يعني عمل) جي طرف سڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن علم تي عمل نه ڪيو وڃي ته ان جون (ڪوڙ) برڪتون رخصت ٿي وينديون آهن. (حلية الاوليا،287/10)

## (10) بي علم ماڻهن جي پُٺيان نه هلو

حضرت جُنيد بَغدادي رحمۃ اللہ علیہ بي علمن کي امام نه بڻائڻ جي متعلق ارشاد فرمايو: جنهن قرآن ڪريم کي ياد ۽ حديث پاڪ کي جمع نه ڪيو ان جي پُٺيان نه هليو وڃي چوته اسان جو علم(تصوف و طريقت) قرآن و سُنت جي تعليمات سان ئي جُڙيل آهي.

(الرسالة القشيرية،ص51)

## (11) خلافِ شريعت ڪم ڪرڻ وارن ڪي نصيحت

بي علم ۽ خلافِ شريعت ڪم ڪرڻ وارا فقير ماڻهو جيڪي ايستائين چئي ڇڏيندا آهن تہ شريعت هڪ رستو آهي ۽ رستي جي ضرورت انهن ڪي هوندي آهي جيڪي مقصد تائين نہ پهتا هجن، اسان تہ پهتل آهيون. اهڙن جي باري ۾ حضرت جُنيد بَغدادي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو: بيشڪ اُهي سچ چون ٿا، اهي پهتل آهن پر ڪٿي؟ جهنم ۾.

(اليواقيت والجواہر، ص206)

## (12) بادشاهن جي تاج ڪان وڌيڪ چڱي

معرفتِ الٰهي (يعني الله پاڪ جي سڃاڻپ) رکڻ وارن جي لاءِ ”عبادت“ بادشاهن جي مٿن تي تاج ڪان وڌيڪ چڱي آهي.

(حلية الاولياء،276/10)

(جڏهن عارفين يعني الله پاڪ جي سُڃاڻپ رکڻ وارن اولياءِ ڪرام جي لاءِ عبادت جو اهڙو مقام آهي تہ جيڪو ولايت ۽ پيري فقيري جا ڪوڙا دعوا ڪري ۽ وڌيڪ اهو تہ فرائض ۽ واجبن ۾ ڪوتاهي ڪري اهڙي شخص جي سايي ڪان بہ بچڻ گهرجي. شريعت ۾ ڪير پير بڻجي سگهي ٿو ان جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ تان ”آدابِ مرشد ڪامل“ حاصل ڪيو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان فري ۾ ڊائون لوڊ ڪيو.)

## (13) نگاهن جي حفاظت جو بهترين طريقو

حضرت جُنيد بَغدادي رحمۃ اللہ علیہ جي خدمت ۾ ڪنهن عرض ڪيو: اي منهنجا سردار! مان نگاهون جهڪائڻ جي عادت بڻائڻ چاهيان ٿو،

ڪا اهڙي ڳالهه ارشاد فرمايو جنهن سان مون کي نگاهون جهڪائڻ تي مدد حاصل ٿي. پاڻ فرمايائون: اهو ذهن بٺائي رکو تہ منهنجي نظر ڪنهن بي کي ڏسي ان ڪان پهريان هڪ ڏسڻ وارو (يعني الله پاڪ) ”مون کي ڏسي رهيو آهي.“ (احياء العلوم، 129/5)

سُبْحٰنَ الله! سُبْحٰنَ الله! سُبْحٰنَ الله! منهنجي پيرومرشد، حضرت جُنيد بَغدادي رحمۃ اللہ علیہ نگاهون جهڪائي رکڻ جو ڪيترو پيارو طريقو بيان ڪيو آهي. ڪاش! اسان بہ هن تي غور ڪيون. بي پرده عورتن کي تاڙڻ، جهاتي پائي ڏسڻ وقت، تنهائي ۾ موبائل. انٽرنيٽ وغيره تي فحش منظر ڏسڻ وقت جيڪڏهن اهو تصور بڌجي وڃي تہ ”الله پاڪ ڏسي رهيو آهي“ ۽ خوفِ خُدا غالب اچي وڃي تہ خُدا جو قسم! انسان ڪنبڻ لڳي ۽ گناهن کان بچي وڃي. ڪاش! اسان کي بہ اهڙو خوفِ خُدا نصيب ٿي وڃي جيڪو اسان کي الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ کان روڪي ڇڏي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم

چُھپ کے لوگوں سے کئے جس کے گُناہ
وہ خبردار ہے کیا ہونا ہے

ارے او مُجرِم بے پروا دیکھ!
سر پہ تلوار ہے کیا ہونا ہے

(حدائقِ بخشش،ص167)

شرح ڪلام رضا: منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: اي نادان ٻانها! تون ماڻهن کان لڪي ڪري گناه ڪرين ٿو، تون ڏج! جو الله پاڪ کي تنهنجي سيني ڪمن جي خبر آهي. اي گناه ڪرڻ وارا شخص! تون گناه ڪندي وقت ڪنهن جي پرواهہ نٿو ڪرين ياد رک! تنهنجي مٿي تي موت جي تلوار لٽڪي رهي آهي چا توکي هن ڳالهه جو علم ناهي تہ مري ويندين ۽ توکي انهن گناهن جون

کھڙيون کھڙيون سزائون ڏنيون وينديون.؟

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (14) فضول ڪمن ۾ مصروف رهڻ جي علامت

الله پاڪ جي ٻانهي کي ڇڏي ڏيڻ جي نشاني اها آهي تہ ان کي بي فائده شين ۾ مشغول ڪري ڇڏي. (المستطرف، 252/1)

## (14) ٽن وقتن ۾ رحمت

صوفياءِ ڪرام تي ٽن وقتن ۾ رحمت وسندي آهي، (جنهن مان ٻہ وقت هي آهن): (1) ڪائڻ جي وقت، ڇوتہ هي حضرات بغير بک جي ناهن ڪائيندا تہ جيئن ڪاڏو ڪائي ڪري عبادت ۾ وڌيڪ ڪوشش ڪن. (2) علمي مذاڪري جي وقت ڇوتہ هي حضرات اولياءِ ڪرام رحمۃ اللہ علیہم جي حالات ۽ واقعات کان علاوه گفتگو ناهن ڪندا.
(احياء العلوم ، 334/2ماخوذاً)

## (15) انبياء، اولياء ۽ صديقن جي نيڪي جي دعوت جو طريقو

حضرت سيّدُنا اَبُو الحسن علي بِن هارون رحمۃ اللہ علیہ چون ٿا تہ مون حضرت جنيد بغدادي رحمۃ اللہ علیہ کي فرمائيندي ٻڌو: ياد رکو! توهان جو انسانن کي نصيحت ڪرڻ ۽ پنهنجي ۽ ان جي متعلق بهتر شيءِ(يعني آخرت جي تياري) جي طرف متوجه ٿيڻ هي توهان جي زندگي جو افضل ترين عمل آهي ۽ توهان جي وقت ۾ توهان جي ساٿين سان تمام ويجهو ڪرڻ وارو عمل آهي ۽ اهو بہ ڄاڻي وٺو! الله پاڪ جي ويجهو هر وقت، هر زماني ۽ هر هنڌ سيني کان افضل ۽ درجي ۾ سيني کان وڌو اهو آهي جيڪو پاڻ تي لازم ڳالهين کي بهترين طريقي سان سرانجام ڏيندو آهي، الله پاڪ جي پسنديده شين جي طرف تيزي سان اڳتي وڌي ويندو ۽ پوءِ الله پاڪ جي

ٻانهن کي سيني کان وڌيڪ فائدو پهچائيندو آهي. تہ توهان پنهنجي لاءِ ڀرپور حصو ورتو ۽ ٻين کي نفعو پڄائي ڪري انهن تي شفقت ۽ مهرباني ڪرڻ وارا بڻجي ويو. ڄاڻي ورتو! ماتحتن کي هدايت جي راهہ جي طرف وٺي وڃڻ وارا قابل انسانو، مخلوق کي فائدو پهچائڻ وارا انسانو ۽ ڊيڄارڻ ۽ خوشخبري ڏيڻ جي لاءِ تيار رهڻ وارن کي طاقت ۽ اقتدار جي ذريعي مدد ڏني ويندي ۽ علمِ يقين جي پختگي سان سعادتمندي سان نوازيو ويندو آهي، انهن تي ديني نشانين جون باريڪيون ظاهر ڪيون وينديون آهن ۽ قرآن ڪريم سمجهڻ جي لاءِ انهن جي ذهنن کي کوليو ويندو آهي تہ اهي پاڻ تي ڪيل اللّٰه پاڪ جي فضل ۽ اُن جي عظيم امر تائين پهچي ويندا ۽ ڏنل احڪامن کي مضبوطي سان نڀائيندا آهن، جنهن ڪم تي انهن کي مقرر ڪيو ويو آهي اُن جي طرف جلدي ڪندا ۽ جيتري قدر ممڪن هجي اللّٰه پاڪ جي طرف سڏيندا آهن، پنهنجي اُمّتن جي متعلق ۽ حڪم الٰهي جي ادائيگي ۾ حضرت انبياءِ ڪرام علیہم السّلام جو اهو ئي طريقو رهيو ۽ انهن جي پيروي ڪرڻ وارا اولياءِ ڪرام، صدّيقين عِظام ۽ اللّٰه پاڪ جي طرف سڏڻ وارن تمام نيڪ ماڻهن جو اهو ئي طريقو آهي. (حلية الاوليا، 301/10)

## (16) زُهد جا ٻہ قسم

زُهد ٻہ قسمن جو آهي: (1) ظاهري (2) باطني. ظاهري اهو آهي تہ انسان وٽ جيڪو ڪجهہ آهي اهو اُن کي پسند نہ ڪري ۽ جيڪو اُن وٽ نہ هجي ان جي طلب بہ نہ ڪري. باطني زُهد اهو آهي تہ دل مان انهن شين جي خواهش ختم ٿي وڃي ۽ اهو ان جي ياد کان بہ پري ٿي وڃي. جڏهن ايئن ٿي ويندو تہ اللّٰه پاڪ ان کي آخرت ڏسڻ ۽ دل سان ان جي طرف مُتوجهہ ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي ڇڏيندو آهي. ان وقت انسان موت کي قريب سمجهندو ۽ مَغفِرت جي اُميد گهٽ

ٽيڻ جي سبب نيڪ اعمال ۾ خوب ڪوشش ڪندو آهي ڇوته ان جي دل ڪان اسباب پري ٿي چڪا هوندا آهن ۽ ان جي دل صرف آخرت جي معاملي ۾ مشغول ٿيندي آهي هن طرح زُهد جي حقيقت اُن جي دِل تائين پهچي ويندي آهي ۽ اهو پنهنجي ربّ ڪريم جي خالص ذڪر سان پرجي ويندو آهي. (قوت القلوب،535/2)

## (18) اهم ڪم جو دروازو

هر شان ۽ شوڪت واري اهم ڪم جو دروازو "**محنت**" سان کُلندو آهي. (حلية الاولياء، 296/10)

## (19) تصوف ڇا آهي؟

اسان تصوُّف صرف ڳالهين ڪان حاصل ناهي ڪيو بلڪ بُک، دنيا کي ڇڏڻ، مَن پسند ۽ پيارين شين کي قُربان ڪري حاصل ڪيو آهي ڇوته تصوُّف الله پاڪ سان پنهنجي معاملي کي صاف سٿرو رکڻ جو نالو آهي ۽ اُن جي اصل دنيا ڪان ڪناره ڪشي آهي جيئن ته صحابي رسول حضرت حارثه رضی اللہ عنہ فرمايو: منهنجو نفس دنيا ڪان ڪناره ڪش ٿي ويو ته مون راتين جو قيام ڪيو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکيو. (حلية الاولياء، 296/10)

حرصِ دنیا نکال دے دل سے — بس رہوں طالبِ رضا یارب

دِل کا اُجڑا چمن ہو پھر آباد — کوئی ایسی ہوا چلا یارب

(وسائلِ بخشش، ص81)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (20) اخلاص جو اعليٰ درجو

اخلاص الله پاڪ ۽ ٻانهي جي وچ ۾ هڪ راز آهي، جنهن جي

ملائڪ کي بہ خبر ناهي هوندي، شيطان بہ ان کي ناهي ڄاڻيندو جو ان عمل ۾ خرابي پيدا ڪري ۽ نفساني خواهشون بہ ان کان بي خبر رهنديون آهن جو ان کي پنهنجي طرف مائل ڪن.

(الرسالۃ القشيرية،ص244)

هڪ ٻي مقام تي پاڻ ارشاد فرمايائون: بيشڪ الله پاڪ دلين سان ايتري قدر ڀلائي فرمائيندو آهي جيتري قدر دليون ان جي ذڪر ۾ مخلص ٿينديون آهن سو ڏسي ونو تہ توهان جي دل سان ڇا مليل آهي.؟ (حلية الاولياء، 297/10)

الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ باني دعوت اسلامي، اميرِ اهل سُنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برکاتہم العالیہ عرض ڪن ٿا:

عطا کر دے اِخلاص کی مجھ کو نعمت — نہ نزدیک آئے ریا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش،ص106)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (21) دنيا ڇا آهي

حضرت جُنيد بَغدادي رحمۃ اللہ علیہ کان پڇيو ويو: دنيا ڇا آهي؟ فرمايائون: جيڪا دل جي ويجهو ٿي الله پاڪ کان غافل ڪري ڇڏي.

(حلية الاولياء، 292/10)

## (22) دنيا آزمائش جو گهر آهي

هن جهان مان جيڪو ڪجھ بہ مون کي پيش ايندو آهي اهو مون کي برو ناهي لڳندو ڇوتہ مون هڪ اصول ٺاهيو آهي ۽ اهو هي تہ دنيا ڏک، غم، مصيبت ۽ آزمائش جو گهر آهي ۽ جيڪڏهن مونکي هر اها شيءِ پهچي جيڪا مون کي پسند آهي تہ هي فضل ۽ ڪرم

آهي نہ تہ اصل تہ پهرين شيءِ ئي آهي. (حلية الاولياء، 288/10)

## (23) قناعت چاڪي چئبو آهي

في الوقت جيڪو ڪجھ توهان وٽ آهي توهان جو اِرادو ان کان اڳتي نہ وڌي(يعني وڌيڪ جي تمنا نہ ٿئي). (حلية الاولياء، 281/10)

## (24) شڪر جي حقيقت

الله پاڪ جي ڪھڙي بہ نعمت جي ذريعي اُن جي نافرمانين تي مدد نہ ورتي وڃي. (حلية الاولياء، 286/10)

## (25) گفتگو ۾ احتياط

فتگو ۾ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو هجڻ عملي تقوا ۽ پرهيزگاري کان وڌيڪ سخت آهي. (حلية الاولياء، 287/10)

## (26) مانوس نہ ٿجو

پنهنجي نفس سان (ان جي فريبن جي ڪري) مانوس نہ ٿجو جيتوڻيڪ هي الله پاڪ جي فرمانبرداريءَ ۾ هميشہ توهان جو ساٿ ڏي. (حلية الاولياء، 287/10)

## (27) اَدب جا 2 قسم آهن

اَدب جا بہ قسم آهن: (1) لڪيل اَدب ۽ (2) ظاهري اَدب، لڪيل ادب دلين جو پاڪ ۽ صاف هجڻ آهي، جڏهن تہ اعلانيہ اَدب پنهنجي عضون (يعني هٿن، اکين، ڪنن، پيرن وغيره) کي گناهن کان بچائڻ آهي. (المستطرف،1/ 252)

## (28) ڪرمِ الٰهي جو سوال آهي

الله پاڪ جي هڪ نظرِ ڪرم جيڪڏهن گنهگار تي پئجي وڃي تہ اهو نيڪ بڻجي ويندو آهي. (حلية الاولياء، 285/10)

## (29) تڪبُر جو سيني ڪان وڏوءِ نندو درجو

بُرائي جي اعتبار سان تڪبُّر جو سيني ڪان بدترين درجو اهو آهي تہ تُون پاڻ کي سڀ ڪجھ سمجھين ۽ ان ڪان گھٽ درجو اهو آهي تہ تنهنجي دل ۾ ان جو خيال گذري. (يعني پنهنجو پاڻ کي سيني ڪان بهتر سمجھڻ تڪبر جي سڀ ڪان بُري صفت آهي جڏهن تہ ان جو خيال اچڻ بہ بُرو آهي). (حلية الاولياء، 292/10)

## (30) نصيحتن ڀريو مدني گلدستو

حضرت علي بِن هارون بِن محمد رَحۡمَةُ اللّٰہ عَلَيۡه چون ٿا تہ حضرت سيّدُنا جُنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللّٰہ عَلَيۡه پنهنجي هڪ دوست کي هن مضمون جو خط لکيو: بيشڪ الله پاڪ زمين کي پنهنجي اولياءِ ڪرام ڪان خالي ناهي رهڻ ڏيندو ۽ نہ پنهنجي پسنديده ٻانهن ڪان زمين کي محروم ڪندو آهي تہ جيئن الله پاڪ انهن جي ذريعي مخلوق جي حفاظت فرمائي چوتہ الله پاڪ اولياءِ ڪرام کي مخلوق جي حفاظت و نگھباني جو ذريعو بڻايو ۽ انهن کي پنهنجي هجڻ جي دليل بڻايو. ۽ مان فضل و مهرباني سان گڏ وڏو احسان فرمائڻ واري ڪان سوال ڪيان ٿو تہ هُو اسان کي ۽ اوهان کي اُن(يعني اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰہ عَلَيۡهِم) ۾ شامل فرمائي جڏهن جيڪي ان جي راز جا امانت دار ۽ اُن جي عظيم اَمر جي حفاظت فرمائڻ وارا آهن، الله پاڪ جو مُبارڪ طريقو اهو ئي آهي تہ اُن پنهنجي ايڏي وڏي وسيع ۽ عريض سلطنت کي پنهنجي دوستن سان سجايو آهي ۽ انهن کي زمين ۾ سيني ڪان وڌيڪ چمڪڻ وارو بڻايو آهي جن سان اُن جو نور پکڙجندو ۽ الله پاڪ جي سچاٽپ وارن جي دلين سان اُن جو ظهور ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ هي هستيون تارن جي روشني ۽ سج، چند جي

نور سان چمڪڻ واري آسمان ڪان وڌيڪ خوبصورت آهن، هي مبارڪ هستيون الله پاڪ تائين پهچائڻ وارن رستن ۾ اُن جي فرمانبردارن جي راهن جون نشانيون آهن، هنن حضرات جي نشاني مخلوق کي فائدو پچائڻ ۾ سيني کان وڌيڪ آهي ۽ مخلوق کان نقصان پري ڪرڻ ۾ هنن حضرات جي خير ۽ ڀلائي انهن تارن کان وڌيڪ واضح آهي جن سان خشڪي ۽ تري جي انڌيرن ۾ ۽ رستن کان ڀٽڪي وڃڻ جي صورت ۾ راهنمائي ورتي ويندي آهي ڇوته تارن جي راهنمائي کان مالن ۽ جانين کي نجات ملندي ۽ علماءِ ڪرام جي راهنمائي سان دين جي سلامتي نصيب ٿيندي آهي، پنهنجو دين سلامت رکڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ وارا ۽ پنهنجي جان، مال سلامت رکڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ وارن ۾ وڏو فرق آهي.

(حلية الاولياء، 298/10)

## (31) زندگي جو لطف

حضرت سيّدنا محمد بن علي بن حبيش رحمۃ الله عليه بيان ڪن ٿا ته حضرت سيّدنا جُنيد رحمۃ الله عليه سان "رِضا"(يعني الله پاڪ جي فيصلي تي هرحال ۾ راضي رهڻ) جي متعلق سوال ٿيو ته پاڻ فرمايائون: توهان ته پُرلطف زندگي ۽ اڪين جي ٿڌاڻ جي متعلق پڇيو آهي ته ڪير الله پاڪ کان راضي آهي؟ ڪجهه علماء فرمائن ٿا: سيني کان پُرلطف ۽ مزي واري زندگي الله پاڪ کان راضي رهڻ وارن جي آهي. رِضا اها آهي ته جيڪا مصيبت اچي چڪي آهي اُن جو خوشي سان استقبال ڪيو وڃي ۽ جيڪا ناهي آئي ان جو انتظار غور و فڪر ڪندي ۽ ان کي اهميت ڏيندي ڪيو وڃي ڇوته الله پاڪ ٻانهي سان بهترين معاملو فرمائيندو آهي، اهو ئي اُن تي سيني کان

وڏيڪ رحم ڪرڻ وارو ۽ اهوئي اُن جي فائدي ڪي سيني کان بهتر ڄاڻي ٿو، پوءِ جڏهن الله پاڪ جو ڪو فيصلو اچي وڃي ته انسان اُن کي ناپسند نہ ڪري ڇوته اهو ئي الله پاڪ جو اِرادو هو، پنهنجي ربّ ڪريم جي ڪم کي چڱو ڄاڻي پوءِ جيڪڏهن انسان الله پاڪ جي طرف کان اچڻ واري مصيبت کي الله پاڪ جي طرفان چڱو معاملو سمجهي ته اهو راضي ٿي ويو. مطلب ته رِضا اهو اِرادو آهي جيڪو پسنديدگي سان هجي، ايئن جو انسان انهيءَ شيءِ کي چاهڻ وارو ٿي وڃي جيڪو الله پاڪ ڪيو ۽ دل سان الله ڪريم سان محبت ڪرڻ وارو ۽ اُن سان راضي رهڻ وارو بڻجي وڃي.

(حلية الاولياء، 298/10)

ڪرنا رَحمت خُدا مجھ پہ اپنی رکھ عنایت سدا مجھ پہ اپنی
دائمی اور حتمی رِضا کی میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے

(وسائلِ بخشش، ص 126)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (32) هڪ خوبصورت دعا

حضرت سيّدُنا جُنيد بغداديرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سخت ڏينهَن ۾ هيئن دعا ڪندا هئا: تمام تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن، اُن جي لاءِ هميشگي، تمام گهڻي پاڪيزه ۽ برڪتن واري تعريف آهي جيڪا ڪڏهن ختم نہ ٿيندي، اهڙي تعريف جيڪا تنهنجي ڪريم ذات ۽ عظمت ۽ شان جي لائق هجي. هر پاڪائي، بُزرگي، بُلندي ۽ تعريف تنهنجي ئي لاءِ آهي

۽ هر چڱي، صاف ستري ۽ خوبصورت ڳالهه جيڪا توکي پسند آهي اها تنهنجي لاءِ آهي.

اي منهنجا پروردگار! تنهنجي چونڊيل مختار و مبارڪ خاص ٻانهي، اسان جي موليٰ اسان جي سردار، حضرت محمد مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم، تمام صحابہ ڪرام ۽ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام تي درود نازل فرماءِ.

اي منهنجا الله پاڪ! زمين ۽ آسمان ۾ پنهنجي فرمانبرداري ڪرڻ وارن تي رحمت نازل فرماءِ، حضرت جبرائيل، ميڪائيل، اسرائيل، عزرائيل، جنت جا نگران حضرتِ رضوان ۽ داروغہءِ جهنم (يعني دوزخ جي نگران ملائڪ) حضرت مالڪ علیہم السّلام تي رحمت نازل فرماءِ.

اي منهنجا الله پاڪ! پنهنجي تمام ملائڪن، زمين ۽ آسمان جي رهڻ وارن ۽ تنهنجي ڪائنات ۾ تنهنجي علم جي مطابق جتي بہ ڪو رهندو آهي سڀني تي اهڙي رحمت نازل فرماءِ جنهن ۾ تنهنجي رضا هجي، توکي پسند هجي ۽ جنهن رحمت جا هي سڀئي حقدار آهن.

اي منهنجا الله پاڪ! عرش ڪي بُلندي ڏيڻ واري تنهنجي عظيم رَبُوبيّت جي طُفيل مان توکان تنهنجي جود و ڪرم، فضل و احسان، پسند و عطا، نيڪي و ڀلائي ۽ مهرباني جو سوال ڪيان ٿو. اي گهڻو عطا ڪرڻ وارا! ڪرم فرمائڻ وارا! تنهنجي علم ۾ منهنجا جيترا بہ گناهہ آهن مان توکان انهن جي معافي طلب ڪيان ٿو ۽ اسان جي تمام خطائن کان درگذر جو سوال ڪيان ٿو. اي منهنجا الله پاڪ! پنهنجو جود و ڪرم ۽ مهرباني ۽ عطا ڪندي اسان تي لازم حقوق جي ادائيگي ۾ اسان جي مدد فرماءِ، اسان جا انجام چڱا

ڪر ۽ اسان جي بُرائي کي چڱائي سان بدلي ڇڏ. اي اها ذات جيڪا، جيڪو چاهي مٽائي ۽ جيڪو چاهي ثابت رکي ۽ اصل لکيل انهيءَ وٽ آهي. تون جهڙو آهين اهڙو ٻيو ڪو نٿو ٿي سگهي، مرڻ تائين جيڪا اسان جي زندگي باقي آهي، اسان کي ان ۾ گناهن کان مڪمل ۽ هميشہ محفوظ رکجان، هر اها شيءِ جيڪا توکي ناپسند آهي اها اسان جي لاءِ بہ ناپسنديده ڪري ڇڏ ۽ هر اها شيءِ جيڪا توکي پياري ۽ محبوب آهي اها اسان جي لاءِ بہ محبوب ڪري ڇڏ ۽ اسان کي ان سان گڏ پنهنجي پسنديده سَمت ۾ هلاءِ، اسان جي لاءِ ان کي موت تائين باقي رک، اسان جي اِرادن کي اُن تي پڪو فرماءِ ۽ اسان جي نيّتن کي اُن تي مضبوط ڪر، ان جي لاءِ اسان جي تنهائين جي اصلاح فرماءِ، اسان جي عضون کي ان تي عمل ۾ لڳاءِ ۽ اسان کي توفيق عطا فرماءِ ۽ اضافي ۽ ڪفايت سان نوازي ڇڏ.

اي منهنجا الله پاڪ! اسان کي پنهنجي هيبت ۽ تعظيم ۽ پنهنجو خوف عطا فرماءِ، توکان حياء ڪرڻ، چڱي ڪوشش ڪرڻ ۽ تنهنجي تعريف تي مشتمل هر پاڪيزه ڳالهہ جي طرف جلدي ۽ تيزي ڪرڻ وارو بڻاءِ. اي منهنجا الله پاڪ! اسان کي پنهنجي چونديل ٻانهن، دوستن ۽ فرمانبردارن جيان هميشہ وارو ذڪر ۽ خالص عمل ڪرڻ وارو بڻاءِ ايئن جو اهو ڪامل ترين، مُستقل، سترو ۽ توکي گهڻو پسند هجي ۽ جيستائين جيون ان عمل تي اسان جي مدد فرماءِ.

اي منهنجا الله پاڪ! جڏهن اسان کي موت اچي تہ اسان جي موت کي بابرڪت بڻائجان ۽ ان ڏينهن کي محبت ۽ بُزرگي، قرب ۽ سُرور ۽ رشڪ وارو بڻائجان، ندامت ۽ مايوسي وارو ڏينهن نہ بڻائجان، اسان کي اسان جي قبرن ۾ سُرور ۽ خوشي ۽ اکين جي

ٿڌاڻ تي لاهجان ۽ قبر کي پنهنجي جنت جي باغن مان هڪ باغ، عزت ۽ مهرباني ۽ رحمت جي جڳهه بڻائي ڇڏجان، اسان کي قبر ۾ جواب سيکاري ڇڏجان ۽ قبر جي گهٻراهٽن کان بچائي ونجان.

اي الله پاڪ! جڏهن تون اسان کي قبرن مان اٿارين ته امن و اطمينان سان اٿارجان، اي ماڻهن کي اُن ڏينهن جمع فرمائڻ وارا! جنهن ڏينهن جي واقع ٿيڻ ۾ ڪو شڪ ناهي، ان ڏينهن جي واقع ٿيڻ ۾ اسان کي بہ ڪو شبهو ناهي. تون اسان کي اُن گهٻراهٽن سان محفوظ رکجان، اُن جي سختين کان جدا رکجان، ان جي وڏي غم کان بچائجان، سخت اُڃ ۾ سيراب ڪجان ۽ اسان جو حشر پياري پياري آخري نبي صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم جي جماعت ۾ فرمائجان، اهي ڪريم آقا صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم جن کي تو چونڊيو ۽ جن کي تو پنهنجي دوستن جي شفاعت فرمائڻ وارو بڻايو، جن کي پنهنجي تمام پسنديده ٻانهن تي مُقدم رکيو، اهي جن جي جماعت کي تون سختين کان بچائيندين.

اي الله پاڪ! تون اسان جو حساب آسان ونجان جنهن ۾ ڪو جهٽڪڻ ۽ تفصيل نہ هجي. اسان سان پنهنجي جود و ڪرم جو معاملو فرمائجان، اسان کي جلد نجات ماڻڻ واري قابِل رشڪ ماڻهن مان بڻائجان، اسان جا اعمالنامہ اسان جي سڄي هٿ ۾ عطا فرمائجان، اسان کي پلصراط تان تيزي سان پار لنگهائجان، ميزان تي اسان جي نيڪ اعمال کي وزندار ڪري ڇڏجان، اسان کي دوزخ جو جوش ۽ دهشت ناڪ رڙ نہ ٻڌائجان ۽ اسان کي ان کان ۽ هر ان ڳالهه ۽ ڪم کان بچائجان جيڪي دوزخ جي ويجهو ڪن ٿا.

اي الله پاڪ! اسان کي پنهنجي جود و ڪرم ۽ عطا جي طفيل پنهنجي عزت واري گهر جنت ۾ انهن ماڻهن جو ساٿ عطا فرماءِ جن

تي تو انعام فرمايو يعني انبياءِ ڪرام، صديقين، شُهدا ۽ نيڪ ماڻهو ۽ هي ڪهڙا نہ چڱا ساٿي آهن. اسان کي پنهنجي عظمت ۽ راحت واري گهر جنت ۾ اسان جي ابن ڏاڏن، مائرن، رشتيدارن ۽ اولاد سان بهترين ۽ خوشحالي واري حالت ۾ جمع فرماءِ. اسان کي اسان سان الفت ۽ محبت رکڻ وارن مسلمان ڀائرن سان ملائي ڇڏجان.

اي الله پاڪ! تمام مؤمنن ۽ مومنات تي پنهنجي مهرباني ۽ رحمت کي عام فرماءِ، اهي جيڪي توکي هڪ مڃيندي دنيا کان لاڏاڻو ڪري ويا، تون اسان جو ۽ انهن جو مددگار، نگهبان ۽ ڪفايت ڪرڻ وارو بڻجي وڃ. انهن جا نامہءِ اعمال بند ٿي ويا، اعمال رڪجي ويا ۽ اهي جنهن آزمائش ۾ آهن تون انهن مرحومن تي رحم فرماءِ ۽ انهن مان جيڪي زنده آهن جيڪڏهن گنهگار آهن تہ تُون انهن کي توبہ جي توفيق ڏي، انهن جي توبہ قبول فرماءِ، جيڪي ظالم آهن انهن کي معاف ڪري ڇڏ ۽ مظلومن جي مدد فرماءِ، جيڪي مريض آهن انهن کي شفاء عطا فرماءِ، اسان کي ۽ انهن کي اهڙي سچي توبہ ڪرڻ وارو بڻاءِ جيڪا توکي پسند هجي، بيشڪ تون ان جي سخاوت ڪرڻ وارو، ان کي عمده ۽ بهتر ڪرڻ وارو ۽ ان تي قادر آهين.

اي الله پاڪ! انهن ذميدارن جي ۽ انهن کي جن تي تو ذمّہ دار بڻايو آهي انهن سيني جي اصلاح فرماءِ ۽ انهن کي پنهنجي ماتحتن سان شفقت ۽ مهرباني ۽ رحمت ڀريو سلوڪ ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ، پڻ اسان کي ۽ انهن کي اُن تي قائم رک.

اي الله پاڪ! اسان کي سچي ڳالھ تي جمع ڪر، اسان جي جانين جي حفاظت فرماءِ، اسان کان فتني کي پري فرماءِ ۽ اسان کي تمام

بلائن کان بچاءِ ۽ پنهنجي فضل سان اسان جي لاءِ انهن سيني شين کي پنهنجي ذمہ ڪرم تي وٺ جو تون ئي هن کي سڀ کان بهتر ڄاڻين ٿو ۽ سيني کان وڌيڪ ان تي قادر آهين. اسان کي مسلمانن ۾ باهمي لڙائي ۽ اختلاف نہ ڏيکار.

اي الله پاڪ! اسان توکان سوال ڪيون ٿا تہ تون اسان کي عزت عطا فرماءِ، ذلّت ۾ مبتلا نہ فرماءِ، بُلندي سان نواز، پستي ۾ نہ وجهہ، اسان جي حمايت فرماءِ، اسان جي لاءِ تمام معاملن جو رستو جمع فرماءِ، دنيا جا معاملا اسان کي تنهنجي اطاعت تائين پهچائيندا ۽ تنهنجي حڪم جي بجاآوري ۾ اسان جي مدد ڪندا آهن جڏهن تہ آخرت جي معاملن ۾ اسان جي رغبت سيني کان وڌيڪ آهي، انهن تي اسان جو اعتماد آهي ۽ انهن ئي جي طرف اسان موٽڻ وارا آهيون. بلاشڪ هي معاملو تنهنجي مدد ئي سان اسان جي لاءِ پورو ٿيندو ۽ تنهنجي توفيق ئي سان اسان جي لاءِ دُرست ٿيندو.


اي الله پاڪ! تنهنجي ئي لاءِ هر شيءِ جي بادشاهت آهي تُون هر شيءِ تي قادر آهين. اي الله پاڪ! اسان جي جسمن ۽ تمام حالات ۾ اسان کي ڪامل عافيت عطا فرماءِ ۽ اسان جي تمام دوستن، اولاد ۽ مٽن مائٽن کي بہ مڪمل عافيت عطا فرماءِ ۽ هن کي تمام مومن ۽ مومنات جي لاءِ عام ڪري ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجا پسنديده ۽ محبوب ترين احڪام جاري فرماءِ ۽ اهي جيڪي قرب ڏيارڻ وارا هر قول و عمل ۾ اسان جي وڌيڪ معاون هجن. اي آوازن کي ٻڌڻ وارا! اي لڪيل شين کي ڄاڻڻ وارا! ۽ اي آسمانن جا حاڪم! پنهنجي خاص ٻانهي حضرت مُحمد مصطفيٰ صلی اللہ علیہ والہٖ وسلّم ۽ انهن جي آل تي اَوّل ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن درود نازل فرماءِ، اسان جي دعا قبول فرماءِ ۽

اسان سان پنهنجي شان جي مُطابق معاملو فرماءِ. اي سيني مهربانن کان وڌيڪ مهربان ۽ اي سيني رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارا! (حلية الاولياء، 302/10)

ہاتھ اُٹھتے ہی بَر آئے ہر مُدّعا
وہ دُعاؤں میں مولیٰ اثر چاہئے

(وسائلِ بخشش،ص 513)

## ايندڙ هفتي جو رسالو





978-969-722-588-0

01082459

فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net